هاراڻو ادب
سنڌ جا سپوت

سچل سرمست

اسلم سنديلو

سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاراٹو ادب

سندڙ جا سپوت

سچل سرمست

اسلم سنديلو

سندڙ ثقافت ۽ سياحت کاتو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چپائيندڙ: سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو
(حق ۽ واسطا محفوظ)
چاپو پهريون ۱۹۹۰
تعداد ۵۰۰۰
قيمت ۵-۰۰ رپيا

Personalities of Sindh
Published by : Department of Culture and Tourism
Government of Sind
Printed by : Azad Communications Karachi.

هي کتاب مهتاب اڪبر راشدي سيڪريٽري، سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتي
پاران پڌرو ڪيو ۽ آفتاب ابڙي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڪلچر (پبليڪيشنس)
جي نگراني ۾ هيٺ آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي ڇپيو.

ملڻ جو هنڌ
ڊائريڪٽوريٽ آف ڪلچر (پبليڪيشنس)
جناح ڪورٽس، ڊاڪٽر ضياالدين احمد روڊ ڪراچي.
فون - 513334

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيش لفظ

هن وقت تائين ٻاراڻي ادب تي ايترو توجهه نه ڏنو ويو آهي، جيترو ڏيڻ کپندو هو. ٻاراڻو ادب قومي جاڳرتا ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿو. اها هڪ ميجل حقيقت آهي ته ٻاراڻي عمر ۾ ڪنهن شيءَ کي قبول ڪرڻ جي صلاحيت، وڏي عمر وارن جي پيٽ ۾ گهٽي هوندي آهي. ان عمر ۾ ئي ٻارن جي پيڙهه پختي ٿيندي آهي.

ٻاراڻي ادب جي کوٽ کي محسوس ڪندي، اسان ٻارن جي تعليمي ۽ ذهني اوسر لاءِ دلچسپ، اصلاحي، مفيد، معلوماتي، تاريخي ۽ ديني ڪتابن شايع ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي.

معلومات ۽ وندر وارن ڪتابن سان گڏ، اسان جي اها پڻ ڪوشش آهي ته ٻارن کي پنهنجن عظيم سپوتن ۽ انهن جي ڪارنامن کان واقف ڪريون ته جيئن هو اخلاق ۽ ڪردار جي پختگي طرف گامزن ٿي، مستقبل ۾ ڪاميابيون ماڻي سگهن.

ڪتاب، انسان جو بهترين دوست آهي، جيڪو انکي سٺين راهه تي وٺي وڃي ٿو۽ منجهس اخلاق، سچائي، بهادري ۽ ٻُري ڀلي سمجهه پيدا ڪري ٿو. ٻارن لاءِ ڪتابن جو اهو ڏاهو ڏيندي سنڌ ثقافت ڪاتو گهڻي خوشي محسوس ڪري ٿو. اميد اٿئون ته اسان جي هيءَ نماڻي ڪوشش توهان وٽ قبول پوندي.

مهتاب اڪبر راشدي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچل سرمست

سنڌ جي زرخيز زمين، ڪيترائي اديب، شاعر، عالم، فاضل، دانشور ۽ مفڪر پيدا ڪيا آهن، جن پنهنجين خداداد صلاحيتن سان، انسانن جي پلائي ۽ سماجي اوسر ۾ حصو ورتو آهي. اهڙن عظيم انسانن ۾ سچل سرمست جي حيثيت منڌاهين آهي. هن عظيم سپوت، سنڌ جي تهذيب، تمدن، ادب ۽ اخلاق جي اعليٰ روايتن کي عام ڪيو.

هڪ وڏي انسان هئڻ کان علاوه، سچل سرمست ۾، هڪ عظيم شاعر جون اُهي سيئي خوبيون موجود هيون، جيڪي هڪ باڪمال ۽ لازوال شاعر ۾ هئڻ گهرجن. وڏي شاعر جي اها خوبي هوندي آهي ته هو، پنهنجي شاعريءَ ۾ اعليٰ انساني گُڻن جي واکاڻ سان گڏ سڀا، سلوڻا، سڌا سنوان ۽ عام رواجي لفظ ڪم آڻي. معنيٰ ۽ خيال جي لحاظ کان اُهي الفاظ تمام اُوچا هجن، فڪر ۽ فن جي لحاظ کان تمام گهرا هجن، پڙهڻ جي لحاظ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كان انهن ۾ رواني هجي، قدرت جي حسين نظارن جي دلڪشي تمام سهڻي نموني بيان ڪيل هجي، پنهنجي دين و ڌرم جي لاءِ عزت و احترام هجي، پنهنجي مٽيءَ سان محبت ۽ پنهنجي ٻوليءَ جي ماڻهن سان، محبت ۽ ميڻاج جا بي بها موتي سمايل هجن. سچل سرمست جي شاعريءَ تي، نظر وجهبي ته سچل سائين، نه رڳو سنڌ ڌرتيءَ جو، پر دنيا جو عظيم شاعر نظر ايندو، جنهن جي ڪلام ۾ عالمي اخوت، محبت ۽ ميڻاج جو درس به سمايل آهي ته حق ۽ سچائيءَ جي واٽ به بيان ڪيل آهي. انسانذات جي عظمت جا گيت به آهن ته پنهنجن ماروئڙن ۽ جهانگيئڙن جو به ذڪر ڪيل آهي. سچل سرمست پنهنجي ماروئڙن کي دعا ڪندي چوي ٿو:

سدا هئن سکيا، ماروئڙا ته ملير ۾،
شل نه ڏينهن ڏکيا، اچن آجڙين تي.

سچل سائين جا وڏا.

سچل سرمست جي وڏن جو سلسلو، حضرت عمر فاروق رضہ سان ويجي ملي ٿو. سچل سائين جو وڏو ڏاڏو شيخ شهاب الدين اول بن حضرت عبدالعزيز بن حضرت عبدالله، محمد بن قاسم سان گڏجي، حجاز کان هجرت ڪري سنڌ ۾ آيو. ڪيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيوهڻ جي فتح کان پوءِ اُتي جو نواب مقرر ڪيو ويو. شيخ شهاب الدين کان پوءِ، سندس فرزند شيخ محمد فاروق سيوهڻ جو حاڪم مقرر ٿيو. ڇهن پيڑهين تائين هن خاندان سيوهڻ تي حڪومت ڪئي. ڪجھ وقت کان پوءِ هي خاندان سيوهڻ کان لڏي ڪري ٽر جي علائقي ڪاڪڙي شهر ۾ آباد ٿيو. وقت ۽ حالتن گذرڻ بعد هي خاندان درازا ڳوٺ آباد ٿيو. درازا ڳوٺ، خيرپور ميرس ضلعي جي راڻيپور اسٽيشن کان اتر- اولھ طرف ھڪ ميل جي مفاصلي تي آباد آهي. درازا شهر جي حقيقت هن طرح آهي، جو فاروقي بزرگن کي، وقت جي حاڪمن، ساڻن سٺن لاڳاپن جي ڪري گمبٽ ۽ راڻيپور واريون زمينون تحفي طور ڏنيون، جن پنهنجن ۾ن خاص خادمن، دراز وندير ۽ ڪاڇن وندير جي حوالي ڪيون. ڪاڇن وندير جو ڳوٺ آباد نه ٿي سگهيو، مگر دراز وندير جو ڳوٺ درازا جي نالي سان سڃي سنڌ ۽ هند ۾ مشهور ٿي ويو، ڇاڪاڻ ته، فاروقي خاندان اُتي مقيم هئا. سڀ کان اول هن شهر جي سيڃاڻپ، صوفي سالڪ ۽ سچو انسان، بلند پايه شاعر، سچل سائين جو ڏاڏو ميان صاحبڏنو فاروقي هو، جيڪو پنهنجي علم، لياقت ۽ قابليت جي ڪري ڪافي مشهور هو. سندن فيض جي برڪت ڪيترن ئي ماڻهن جي دلين جو ڪٽ لاهي ڇڏيو هو. ميان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب ڏني عرف خواجہ حافظ کي ٻہ پٽ ڄاوا، جن جا نالا ميان صلاح الدين فاروقي ۽ ميان عبدالحق هئا.

پيدائش

منصور ثاني، حضرت سچل سرمست جو اصلي نالو عبدالوهاب هو. سندس ولادت سن ۱۱۵۲ هجري مطابق ۱۷۳۹ع ۾ نندڙي ڳوٺ درازن ۾ ٿي. هو پنهنجي پيءُ، ميان صلاح الدين کي اڪيلو پٽ هو. سڄي گهر جو لاڏلو هوندو هو، جنهن کري هن جي پالنا تي محبت ۽ بي پناه شفقت واري نظر رکي ويندي هئي. هرکو کيس گهٽو گهرندو ۽ پيار ڪندو هو.

تعليم ۽ تربيت

سچل سائين ايان زندگيءَ جي ڇهين سال ۾ مس پهتو تہ سندس پيارو والد، هن دنيا مان لاڏاٽو کري ويو، جنهن کري سچل سائين کجه ملول گذارڻ لڳو ۽ طبيعت ۾ خاموشي وڌيڪ اچي ويس. هوئين ٻہ سچل سائين گهٽ ڳالهائڻ وارن چوکرن مان هو. سياڻ ۾ سٽي ۽ سلجهٽي هئڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري، هن کي سڀ ماڻهو ڏاڍو پائيندا هئا. والد صاحب جي وفات کان پوءِ، هن جي تربيت سندس ڏاڏي ميان صاحبڏني عرف خواجہ محمد حافظ ۽ چاچي ميان عبدالحق جي نظر هيٺ ٿي. جن هن کي علم ۽ ادب جي پڙهڻ ۽ ان کي سمجهڻ جو ڏاڻ ڏنو. سندس اُستاد عبدالله آخوند هو، جيڪو پنهنجي وقت جو، ميجيل، ڄاتل ۽ سڄاتل اُستاد ليکيو ويندو هو، جنهن کان سچل سائين عربي، فارسي تعليم حاصل ڪئي. مشهور روايت آهي تہ سچل سائين جڏهن ستن سالن جي عمر ۾ هو تہ سندس ملاقات شاه عبداللطيف ڀٽائي سان ٿي، جيڪو سندس ڏاڏي، ميان صاحبڏني ۽ چاچي ميان عبدالحق سان ملڻ درازن ۾ آيو هو. سچل سرمست نندي هوندي کان ئي نهايت سُلجهيل، سياڻو ۽ ذهين چوڪرو هوندو هو، جنهن ڪري هن جي گفتگوءَ مان سدائين سهڻا ۽ پيارا نُڪتا نڪرندا هئا، جن کي ڪڏهن ڪڏهن هن جي خاندان وارا هڏي ويچار ۾ پئجي ويندا هئا. هن جي ڳالهائڻ جي انداز ۽ بيان کي جڏهن لاکيڻي لطيف ڀٽائي گهوٽ ڏنو / هڏو تہ بي اختيار ٿي چيائون: "جيڪو ڪُنو اسان چاڑهيو آهي، تنهن جو ڏکڻ هي نندڙو نينگر لاهيندو." ۽ اڳتي هلي، ٿيو به ائين! سچل سائين، قدرت جي اونهن رازن کي کولي عام فهم ڪري ڇڏيو. منصوري مام جي اپٽار به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دلچسپ ۽ دلپزير انداز ۾ ڪئي اٿائين. اِهو تصوف ۽ وحدت الوجود جي فلسفي وارو ڳوڑهو نُڪتو هو، تنهن جو سنيهو سچل سائين در در، گهٽي گهٽي، وڏي آواز ۽ واکي سان ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچايو، جنهن ڪري حق ۽ سچ نڪري نروار ٿي پيو.

سچل سائين چوڏهن سالن جي عمر ۾ علم جي تڪميل ڪري ورتي ۽ سمورو قرآن شريف حفظ ڪيائين. قرآن شريف بر زبان ياد ڪرڻ کان پوءِ، سچل سائين پنهنجي علم ۾ اضافي ڪرڻ لاءِ وڏا وڏا ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيا. مذهب، فقه، تصوف، معرفت، شريعت ۽ طريقت جي پيچيده ڳالهين جو مطالعو ڪيو ۽ وڏا وڏا نڪتا سمجهي ورتائين، جنهن ڪري هن جي روحاني پرواز ۾ ايڏان بہ گهڻو اضافو آيو. چاليه سالن جي عمر کي جڏهين پهتو تہ سندس ڏاڏي ميان صاحبڏني عرف خواجہ محمد حافظ هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو، تنهن کان پوءِ سندس چاچو ميان عبدالحق ئي هن جو سرپرست ٿيو. ميان صاحب جي زير اثر رهي ڪري سچل سائينءَ تصوف جي اونهن رازن جي رمز پروڙي ورتي ۽ ان موضوع تي تمام گهڻا ڪتاب پڙهيا. جيئن تہ عربي ۽ فارسي ٻوليون هو چڱي طرح ڄاڻيندو هو، تنهن ڪري شيخ فريد الدين عطار، شمس الحق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تبريزي جي ڪتابن جو نهايت چگي نموني اپياس ڪيائين ۽ ڪافي حد تائين فيض پرايائين. ايتري قدر جو پنهنجي فارسي ڪلام ۾ ڪيس روحاني مرشد ڪري ميجيو اٿس. پنهنجي فارسي ڪلام ۾ هڪ هنڌ هينئن اظهار ڪري ٿو:

"اي دل! منهنجي روح تائين شهنشاه عطار جي خوشبوءِ پهچي ويئي ۽ ان وقت، هڪدم مون کي ڪفر ۽ دين مان آزاد ۽ بي نياز ڪري ڇڏيائين. جيڪڏهن مون کان پڇين ٿو ته نيشا پور جو شهر درد سان پريو پيو آهي ۽ ان جي هر هڪ در ۽ ديوار منجهان درد ۽ عشق جي مسلسل طلب ۽ جستجو جو آواز پيو اچي. مولانا رومي هجي يا جامي، اُهي سندس چاهيندڙ ۽ پيروي ڪندڙ آهن. اها تعريف، اسان پنهنجي پير حضرت عبدالحق کان ٻڌي آهي."

پنهنجي مرشد ۽ چاچي، جنهن جي فيض مان، سچل سرمست فيض ياب ٿيو، تنهن کي پڻ پنهنجي شعر ۾ ڏاڍو ساراهيو اٿائين ۽ مرشد ميان عبدالحق کي روحاني مرشد ميجيو اٿائين. چوي ٿو:

هادي هي ميڌا عبدالحق سائين، صوفي صاف جو شهنشاه ميان،
سيوئي علم تنهن تائون معلوم ٿيا، اسرار مڙيوئي آگاه ميان.

ان کان علاوه فارسي شعر ۾ به پنهنجي روحاني مرشد ميان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبدالحق جي تمام گهٽي واکاڻ ڪئي اٽائين. ڪانئس ڪافي حد تائين متاثر نظر اچي ٿو، چاڪاڻ جو سچل سائين، صوفيانه رنگ ۾ رچيو ئي تڏهن، جڏهن هن کي ميان عبدالحق جي گهري صحبت نصيب ٿي. ميان عبدالحق ڪڏهن ڪڏهن 'خاڪي' جي تخلص سان شاعري به ڪندو هو، هن جون فارسي ۽ سنڌي مداحون ڪافي مشهور آهن.

شاه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست کان اڳ جو مشهور شاعر هو، سچل جي ننڍپڻ ۾، هو پنهنجي اوج جي منزل تي پهتل هو. سندس فڪر ۽ شاعريءَ جي هاڪ هنڌين ماڳ متل هئي، انڪري سچل سرمست، ڀٽائي گهوٽ، لاکيڻي لطيف جي شاعري ۽ فڪر کان ڪافي متاثر نظر اچي ٿو. اهوئي سبب آهي جو سچل سرمست به شاه سائين وانگر، سسئي، سهڻي، مارئي، ليلا، سورٺ ۽ ٻين اهڙن ڪردارن تي علامتي انداز ۾ شعر چيو آهي ۽ ساڳئي نموني تصوف جي اپٽار به ڪئي اهي، پر فرق صرف اهو آهي ته، ڀٽائي گهوٽ، حق ۽ سچ تي ڪجه ڪک رکي ڳالهه چئي آهي، ۽ سچل سرمست، سچ کي چٽو ڪري، وڏي واڪ سان، نروار ڪيو آهي.

سچل نه صرف علامتون ۽ اشارا لطيف سائين وارا استعمال ڪيا آهن، پر ڪيترن هنڌن تي خيال ۽ مصراعون به ساڳيون ڪتب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آندیون آهن. جیئن، پٹائي گهوٽ چوي ٿو:

ڪيچان آيو قافلو، رات موچاري روءِ،
گولي ٿيان گل بوءِ، جي مون نيو پاڻ سين.

ساڳيا خيال ۽ ساڳيون ڳالهيون، سچل سائين هيئن بيان ڪيون آهن:

ڪيچان آيو قافلو، رات موچاري روءِ،
مڙيوئي خوشبوءِ، ٿيو سارو شهر پنهور جو.

ان کان علاوه اسين سچل سرمست جي همعصرن تي نظر وجهنداسون تہ اسان کي ڪافي تعداد ۾ وڏا اديب، عالم، فاضل ۽ ديني مڪتب فڪر جا جاڻو ملندا، جن ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جنهن مدينہ منوره ۽ مڪي پاڪ مان، بلند پايہ عالمن کان مختلف علمن تي سندون ۽ اجازتون حاصل ڪيون ۽ پوءِ ٺٽي ۾ مقيم ٿيو، شيخ عيسيٰ السندي، درويش گل شاه قلندر، مخدوم ضياءُ الله، ميرعلي شير قانع، محمد محسن ٺٽوي، جهان الله عاشق، ميان سرفراز ڪلهوڙو، سيد عظيم الدين عظيم، منشي صاحبراءِ ملڪاڻي، نواب ولي محمد لغاري، دلپتراءِ ۽ سيد ثابت علي شاه ميحل شاعر، اديب ۽ اهل الله هٿا، جن بہ پنهنجي علمي لياقت آهر حق، سچ، محبت،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تصوف ۽ وحدت واري فڪر جي شاعري ڪئي.

سچل سرمست، پنهنجي طور تي، گهٽ گهمڻو ۽ گهٽ ڳالهائو هو. طبيعت ۾ ڏاڍي اڪيلائي پسند هيس، پر محفلن جو بہ ڏاڍو ڪوڏيو هوندو هو. ڪهڙيون ۽ محفلون، جن ۾ راڳ سان گڏ، شاعريءَ جا بہ مختلف دور هلندا هئا، انهن ۾ خاص ڪري حاضر رهندو هو.

صورت ۽ سيرت

سچل سائين جو منهن مبارڪ نوراني، چٽو ۽ ڳاڙهاڻ ڏانهن مائل هو، نقش تکا، وار وڏا، قدُ وچولو، نرم ۽ ماسائتا هٿ پير ۽ پوري سفيد ڏاڑهي، جا چهري مبارڪ تي ڏاڍي سهڻي لڳندي هين. اڪثر سفيد ڪپڑا پائيندا هئا. سادين شين جي استعمال سان گڏ، سادو ڪائڻ ۽ سادو پهرڻ سندس فطرت ۾ شامل هو. وقت جي ورهاست اهڙي تہ سهڻي نموني هين جو، ڪمَ جي وقت ڪم ۾ مشغول ۽ رياضت وقت، مڪمل ذهني يڪسوئي سان رب ڏانهن مائل هوندا هئا. هڪ روايت آهي تہ سچل سائينءَ جن جي اوچتي ملاقات محڪم الدين سيلانيءَ سان ٿي، جنهن کان پوءِ، هن جي طبيعت ۾ قيرو آيو. راڳ ڳائڻ ۽ ٻڌڻ ۾ محو ۽ مشغول رهڻ لڳو. راڳ جي سرن ۽ آلاپ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪمل ڄاڻ هين ۽ ان جي باريڪين مان ڪافي حد تائين واقفيت هين، سر جي تار ڇڙڻ سان ئي، جسم ۾ تحرڪ اچي ويندو هين.

شادي

سچل سرمست جي عمر ايان ڇهن سالن کي مس پهتي هئي، جو هن جو والد بزرگوار هن جهان کي ڇڏي راهِ رباني ٿيو، تنهنڪري سندس تربيت، پنهنجي ڏاڏي خواجہ محمد حافظ عرف ميان صاحبڏني ۽ چاچي ميان عبدالحق جي زير اثر رهي. سچل سائين کي حقيقت ۽ صداقت جي روشني کي سڃاڻڻ جي سمجھ، حديث، فقہ، جي علمن جي مڪمل ڄاڻ ۽ تصوف جي رازن کي پروڙڻ جي صلاحيت هن وٽان ئي ملي. جيئن ته سچل سائين سڄي خاندان جو ڏاڏو دادلو هوندو هو، جنهنڪري سندس مرشد ۽ چاچي ميان عبدالحق، پنهنجي نياڻي، ڪيس نڪاح ۾ ڏني. شاديءَ جي ڪجھ سالن گذرڻ کان پوءِ، سچل سائين جي گھر واري هن جهان مان لاڏاڻو ڪري وئي ۽ هن مان ڪيس کي ڪوبہ اولاد نہ ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچل سائين جي دور ۾ سنڌ جون حالتون

سنڌ ۾ جڏهن ميان نور محمد ڪلهوڙي جو راج هو، تڏهن سچل سرمست، جي ولادت ٿي. ميان نور محمد ڪلهوڙي جي حڪومت ۾ ڪافي توازن هو، پر تنهن هوندي بہ ڪي اهڙيون ڳالهيون هيون، جيڪي اندروني انتشار جو سبب بڻيون. ۱۷۲۹ع ۾ نادر شاه سنڌ مٿان ڪاه ڪري آيو، فتحون ڪندو اچي لاڙ تائين پهتو. ميان نور محمد ڪلهوڙي کي گرفتار ڪري، نادر شاه جي آڏو پيش ڪيو ويو، جنهن لاڙ ۽ وچولي جا پرڳڻا نادر شاه جي حوالي ڪري ڏنا ۽ ويه لک روپيه ساليانو ڏنڊ ڏيڻ جو پڙ وچن ڪيو. سندس ڏوهِ اهو هو، جو هن نادر شاه جي ان حڪم ۽ فيصلي جي مخالفت ڪئي هئي، جنهن هيٺ هن سنڌ جا اتر اوير وارا حصا مغل شهنشاه، محمد شاه کي لکي ڏنا هيا. ۱۷۵۴ع ۾ جڏهن سچل سائين پندرنهن سال جو هو، تڏهن مغل نوابن، ڪلهوڙن ۽ دائودپوٽن جي وچ ۾ لڙايون لڳيون، ستت ئي پوءِ احمد شاه ابدالي سنڌ تي حملو ڪيو، جنهن سنڌ کي سماجي، معاشي ۽ اقتصادي طور تباهيءَ جي ڪناري پهچائي ڇڏيو. ميان نور محمد خوف کان ريگستان پهچي ويو ۽ اُتي ئي وفات ڪيائين. ان کان پوءِ سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي آزاد حڪومت ۾ گهرو لڙايون شروع ٿي ويون، جيڪي نور محمد جي پٽن احمد يار، مراد، غلام شاھ ۽ عطر خان جي وچ ۾ لڳيون. غلام شاھ آخر سنڌ جو بادشاھ ٿيو. ميان غلام شاھ جي وفات کان پوءِ سندس فرزند ميان سرفراز خان سنڌ جون واڳون سنياليون. احمد شاھ ابدالي ٻه ساڳئي سال وفات ڪئي. ان وقت سنڌ جي سياسي حالت تمام خراب ٿي چڪي هئي، سازشن، شرارتن ۽ نفرتن جي وَر چڙهي چڪي هئي. مير بهرام خان ۽ سندس پٽ صوبيدار خان کي دغا ۽ دوکي سان شهيد ڪرايو ويو جنهن سان سنڌ ۾ خانہ جنگي شروع ٿي ويئي، جنهن جي نتيجي ۾ ميان سرفراز خان تخت ويٺايو، ۽ سندس چاچو ميان غلام نبي خان ۱۷۷۷ع ۾ سنڌ جي تخت جو والي ٿيو. ان وقت سچل سرمست جي عمر اٺيه ورهيه هئي. ميان غلام نبي خان کان پائٽس عبدالنبي واڳون کسيون ۽ ميان سرفراز خان جو نهايت درد ناڪ طريقي سان قتل ڪرائي ڇڏيو، اهڙي طرح سنڌ جون اندروني حالتون ايتان ٻه وڌيڪ خراب ٿيندیون ويون. سنڌ جي انهن غير يقيني حالتن جي ڪري ڪلهوڙا حڪومت آخري پساهن ۾ ويڄي پهتي. هوڏانهن احمد شاھ ابدالي جو پٽ تيمور قولٽ ڪري، سنڌ ۾ باھ ٻاري ڏني. ۱۷۸۰ع ۾ احمد شاھ جو وفادار سپهہ سالار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دلاور خان، جيڪو مدد خان جي نالي سان سنڌ تي ڪاهي آيو، تنهن سنڌ ۾ تباهي مچائي ڏني. فصلن جا فصل تباهه ڪري ڇڏيا، جنهن ڪري سنڌ ۾ سخت ڏڪار پيو، انهن بدترين حالتن جي ڪري، ڪلهوڙا حڪومت پنهنجي ساک وڃائي ويٺي ۽ درٻاري سازشن، تالپرن ۽ ڪلهوڙن جي وچ ۾ نفرتون چوٽ چاڙهي ڇڏيون، جنهن ڪري ٻئي گهراٽا جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا. آخر ۱۷۸۳ع ۾ هالاڻي وٽ ٻنهي جي وچ ۾ لڙائي لڳي، جنهن ۾ ميان عبدالنبيءَ کي شڪست آئي ۽ اهڙي نموني ڪلهوڙن جي حڪومت جو دور پورو ٿيو ۽ تالپرن ملڪ جون واڳون سنياليون. ان وقت سچل سرمست جي عمر چوٽيتاليه سال هئي.

تالپرن يا ميرن جي حڪومت ۾ به سنڌ جو ماٺهو ايترو سکون ۾ نه رهيو. راجستان جي راجپوت حڪمرانن جي چيڑ چاڙ هلندي رهي، جنهن ڪري سهراب خان جو پاڻ غلام محمد عمرڪوٽ ۾ راجپوتن سان وڙهندي شهيد ٿيو. جڏهن شاه شجاع کي تخت تان هٽايو ويو، تہ هو سنڌ تي ڪاهي آيو، پر هار پلئه پيس ۽ پوءِ وڃي پنجاب نڪتو، جتي هو سنڌ تي قبضو ڪرڻ لاءِ سکن ۽ انگريزن سان ملي ڪري سازشون سٽڻ لڳو. ٻئي طرف هت ميرن ۾ اندروني ڏڦيڑ پئجي ويو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن کري راج ٽن حصن: حيدرآباد، خيرپور ۽ ميرپور خاص ۾ ورهايو ويو. هن دور ۾ مذهبي تنگ نظري کافي زور پکڙيو، جنهن کري مٺ محبت سان رهندڙن جي دلين ۾ هڪ ٻئي لاءِ ويڇا پئجي ويا. هندو ۽ مسلمان پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي دوستيءَ ۾ شڪ ڪرڻ لڳا، جنهن جو فائدو انگريزن کي ملڻ لڳو ۽ هو چگي نموني پنهنجا پير کوڙڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. سچل جي عمر انوقت ۶۴ سال هئي. هن سنڌ جي ايڪي اتحاد کي قائم رکڻ ۽ مغرب وارن جي مڪارين کان باخبر رکڻ لاءِ سنڌ جي عوام کي سجاڳ ڪندي چيو ته:

"وقت اها ٿي ويل، دوئي دور ڪرڻ جي،
ڪيـ مذاهب من مان، ساجهر ساڻ سويل،
هندو مومن سڻ ملي، محبت جا ڪر ميل،
متان ٽئي اويل، اولهه سج نه اُيـري.
اولهه سج نه ايري، متان ٽئي اويـر،
ميڙي ويندئي مغربي، تاريڪيءَ ۾ تير.

پاڻ، مغربين جي چال کي چگي طرح پرکيائون ۽ کين خدشو هو ته هو سنڌ کي هڙپ ڪري ويندا. تڏهن ته پنهنجي شعر ۾ اهو واضع چيائون ته امن، اخوت، محبت ۽ ميناس سان، گڏ جي رهه ايجان به وقت ويو ناهي، پنهنجي دل مان ٻين پائرن لاءِ ٻياڻي ۽ به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکيائي نفرت ۽ ڪدورت ڪيو. اِهو وقت آڻو، هوشيار ٿيو نہ تہ انگريز اچي ڪڙڪندا. ۽ ٿيو بہ ائين! انگريز، سنڌ جي ناسازگار حالتن جو فائدو وٺندي، ميرن کي پاڻ ۾ ويڙهائي سنڌ تي قبضو ڪري ويهي رهيا.

هاڻي سچل جي مختلف ٻولين جي شاعري جو جائزو وٺون ٿا.

سچل سرمست جو سنڌي ڪلام

سچل سائين جي شاعري انساني اعليٰ قدرن جو ڪليو ثبوت آهي، جنهن ۾ انسان جو پنهنجي رب تعاليٰ سان رستو ۽ اعليٰ اخلاق جو سبق سمايل آهي. سچل سرمست هڪ طرف سنڌي زبان جو عظيم شاعر تہ ٻئي طرف، هڪ سچو سالڪ، صوفي انسان هو، جنهن جي شاعري ۾ امن، آشتي ۽ اخوت جو پيغام ملي ٿو، تہ ٻئي طرف سنڌ جي تهذيب تمدن، سماجي ۽ ثقافتي حالتن جو عڪس پڻ ملي ٿو. سچل جي شاعري نہ صرف سنڌي ماڻهو لاءِ، پر پوري دنيا جي انسانن لاءِ آهي، ڇو ڪٽي پوءِ، اُهي ڪهڑي بہ مذهب سان تعلق رکندا هجن، مشعل راه آهي. هن جي نظر ۾ انسان اشرف المخلوقات آهي. اڳ ۾ هو، پنهنجي نفس کي صاف ڪري ۽ من مان ميل ڪڍي اکين ۾ اُها قوت، جنهن سان حق ۽ سچ کي پرکي سگهبو آهي، سا ر کي تہ هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عظيم آهي. ۽ اهي ئي ڳالهيون هيون، جن جي ڪري ملائڪن ۽ فرشتن انسان کي سجدو ڪيو ۽ انسان اشرف المخلوقات واري منزل تي پهتو. پنهنجي شعر ۾ پاڻ هيئن فرمائين ٿا:

يول نہ ڪنهن ٻل، تون ته آدم ناهين،
لکيو ٿو لاتيون ڪرين، جيئن باغ اندر بلبل،

ملڪن ٿي سجدا ڪيا، واه متي تنهنجو مان.
ساجن سير ڪرڻ لاءِ آيو، نانءُ رکي انسان الا.

سچل سائين انساني اعليٰ آدرشن جو شاعر آهي، جنهن وٽ اونچ نيچ، ذات پات ۽ رنگ نسل جو ذرو بہ امتياز نہ آهي. ماٺهو کٽي کهڙي بہ ذات جو هجي، کهڙي بہ نسل جو هجي، کهڙي ملڪ جو هجي سيئي پاڻ ۾ پائر آهن. جيئن سچل چيو آهي:

ڪي ٿا چون صوف، ڪي ٿا چون سيب،
ان ۾ کهڙو عيب، ڦل مڙيو ئي هيکڙو.

ڏسو ته ڪيڏي نہ سهڻي ۽ عام نموني ۾ سچل سائين سمجهائڻي ڏئي ويو آهي ته صوف ۽ سيب ڳالهہ مڙئي ساڳئي، مزو ۽ ميناس بہ ساڳيو. يعني هر انسان ٻئي جو پاءُ آهي، جنهن کي پاڻ ۾ سڪ پريت سان رهڻ گهرجي ۽ هو ساڳي متيءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيدائش آهن. اهوئي سبب آهي جو سچل سائين صرف پنهنجن لاءِ نہ، پر پوري ڪائنات لاءِ رحمت جو طالبو آهي ۽ سڀني جگ سان پيار ڪري ٿو. سڀني جهان لاءِ دعاگو آهي:

دسيان ديس وسي پيار، رحمت جا درياه،
گلزاريون ۽ گاه، پوڻن تي پڌرا ٿيا.

انسان جي جملي طبيعتن مان، سچل سائين صرف سست طبيعت واري ماڻهو کان سخت نفرت ڪري ٿو، چاڪاڻ جو هن کي خبر آهي تہ سستي ۽ ڪاهليءَ ڪيئن نهوڙي ڇڏيا آهن ۽ اُهو انسان پنهنجي منزل تائين پهچي نہ سگهندو. جنهن ڪري سچل سائين هر وقت سستي، ڪاهلي ۽ واندڪائي کي نديو آهي. هن هميشہ محنت ۽ مشقت ڪرڻ جو درس ڏنو آهي.

متان وهين ماڻ ۾، منجھ جلدي جُل،
هتي ويہ نہ هَل، تان ڪي پڇين پنڌ ڪي.
اُٿي ڪمر ٻڌ، لوڇ تہ لهين سپرين،
هو تياڻن جو هنڌ، ڏسين اکڙين سان.

۽ اها محنت، انسان جي سنڌ جو هاري بہ ڪري ٿو، جنهن جي ڪم جي خبر سچل سائينءَ کي بخوبي آهي، چاڪاڻ جو هو هڪ عوامي شاعر آهي ۽ عوامي شاعر ئي عوام جي ڪرت ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مختلف ڪردارن کي پنهنجو موضوع بڻائيندو آهي. هاريءَ جي ڪم بابت سچل فرمائي ٿو:

سارنگ صبح آيو، گوڙيون ڪري گاج،
هاري هليا هاج، ڪڙمين هر ڪلهي ڪيا.

عوامي شاعر جي اِها به خوبي هوندي آهي ته هو، ان وقت جي ماحول، ماڻهن جي نفسيات، رهڻ ڪهڻ، اٺ ويهڻ کي به پنهنجي شعرن ۾ چٽيندو آهي. سچل به پنهنجي شاعريءَ ۾ فطرت جي اهجاڻن کان سواءِ، برسات جي نظاري ۾ پلر جي پالوٽ، وڃن جا واڪا، ڪڪرن جي ڪارونيار کي تمام عمدي نموني بيان ڪيو آهي. چوي ٿو:

وڃن وک وڌائي، وسڻ وس ڪيو،
وڃن واڃا واه ڪيا، پلر پوءِ پلٽيو،
سچل سائو ٿيو، سيڪو سارنگ آئي.

سارنگ ۾، جيڪا خوشي ۽ آٽت مارن کي ملي ٿي، تنهنجي ذڪر سان هن کي پرديسي ياد اچن ٿا ۽ اکيون وڏڦڙو وسائن ٿيون:

اکين آب وهايو، سرتيون ساري رات،
وهائن وڏ ڦڙو، پرچن نا پريات،
پينر کان برسات، اکين اوتڙ سکيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عام ڪلاسيڪي شاعرن وانگر سنڌي عورت جي ڪردار کي علامت ۽ اهڃاڻ طور ڪم آڻي ٿو: سسئيءَ جي روپ ۾ مستقل مزاجي، جرئتمندي، همت ۽ نوريءَ جي روپ ۾ نياز ۽ نئڙت تہ کو سچل کان سکي! ڇا ڳالھ ڪجي ڏسو تہ ڪيئن نہ پنھنجي پروردگار کي ھاڏائي چئي ٿو:

ننگڑا نماڻي دا، جيوين تيوين پالٹا،
ميري آھيان مندي آھيان، بيشڪ بندي آھيان،
ڏکين منھنجا ڏولٹا، عيب نہ کولٹا.

ھڪ طرف عجز ۽ نياز تہ ٻئي طرف حق ۽ سچ جو ھوکو ڏيڻ کان ھرگز نٿو ڪيھائي. وڏي آواز سان چوي ٿو:

سچ ٹا مرد چون، ڪنھن کي وٹي نہ وٹي،
کوڙي دوستيءَ جو دم، بٹي نہ بٹي.

▲

نہ مان حاڪم نہ مان ظالم آھيان امن جو اَمير.

سچل سائين پنھنجو پاڻ سيحاڻڻ بعني 'خودشناسي' تي وڏو زور ڏنو آھي. ان سان گڏ ھو "ھمہ اوست" سڀ ڪجھ ھو پاڻ آھي) جو قائل آھي. ھي جيڪي بہ خلقيل شيون آھن، سي سڀ خدا جون مظھر آھن. ذري ذري ۾ الله وسي ٿو. سچل چوي ٿو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ ڪنهن صورت ۾ سُهڻين،
سرتيون ڏي ساري ڳالھ سليائون.

▲

ڪر پاڻ کي سجود، تون آهين جاءِ سجود،
تون ئي عابد آهين، تون ئين آهين معبود.
هيڏي هوڏي نہ ڏسين، تون ئي مڙيوئي مقصود،
"سچو" سمجھ ڳالھڙي، محب آهي موجود.

سچل سائينءَ جي شاعريءَ کي جيڪڏهن ٻوليءَ جي تارازيءَ ۾ توربو تہ هن جي شاعري، اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ بي بها اضافو ثابت ٿيندي. نوان لفظ، نوان محاورا، نوان اصطلاح، نيون ترڪيبون ۽ نيون تشبيهون ڪم آڻي، سچل سائين سنڌي ٻوليءَ تي هڪ وڏو احسان ڪيو آهي. سچل سائين جي شاعريءَ مان تشبيه جو هڪ مثال پيش ڪجي ٿو:

جيئن سچ آهي پريشان، سوئي ڳولهي سچ کي،
مچلي جيئي آب سان، آب پچي طغيان،
تارو پچي نجم کي، موج پچي مهراڻ،
ڦڙي پچي مينهن کي، شاه ڳولهي سلطان،
هو مڙيئي پاڻ ٿيو، ڪير ٿيا حيران،
"سچوءَ" جي صفت ۾ اهو باريءَ ڪيو بيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچل سرمست جو ڪوبہ شعر، خيال ۽ معنيٰ ڪان خالي ڪونهين، نہ وري شاعريءَ جي قاعدن ڪان هٽيل آهي. 'علم عروض' شعر جوڙڻ جو عربي قاعدو آهي، ۽ 'چند وديا' بيت ٺاهڻ جو سنڌي ۽ هندي قاعدو آهي. سچل شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي؛ بيت، ڏوهيڙا، وايون ۽ ڪافيون بہ ٺاهيون اٿس تہ غزل ۽ نظم بہ چيا اٿس. ان کان سواءِ مرثيہ، مدحون، مثنويون، سہ حرفيون گهڑولي ۽ جهولٽا بہ جوڙيا اٿس، تہ قطعہ ۽ ڪبت بہ چيا اٿس. انهي لحاظ کان سچل اسان جي ڪلاسيڪي شاعرن ۾ مٿاهون مان رکي ٿو. اسان جي ٻين ڪلاسيڪي شاعرن گهٽي قدر بيت، وايون / ڪافيون ۽ مدحون چيون آهن.

سچل سرمت جو سرائڪي ڪلام

سونهن، سڪ، محبت، حسن ۽ عشق جي شاعر سچل سائين جي ڪلام کي وڏي غور ۽ فڪر سان ڏسبو تہ هن جي سرائڪي شاعري، عشق محبت جي شاعريءَ سان گڏ، روحاني رمزن ۽ الهامي اشارن جي شاعري آهي، جنهن ۾ محبوب جا ناز نخرا، عاشقن جون آهون ۽ دانهون، سهڻن ۽ سچن انسانن جي فيض جي سخاوت، عاشق جي جذبن ۽ احساسن کي ڏاڍي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمدي نموني چٽيو ويو آهي، جنهن جو ڦهلاءُ سمنڊ جي ڇاتيءَ کان به وڌيڪ ويڪرو ۽ وسيع آهي. سچل سائين جي شعر جي هڪ ٻي خوبي اها آهي، جو هن جي شاعري تمام سهڻي نموني ڳائي سگهجي ٿي، جنهن ۾ ايڏو ته ربط ۽ درد آهي، جو پڙهڻ سان دل موج ۽ مستي ۾ جهومڻ لڳي ٿي.

جنهن دل پيتا عشق دا جام،
سا دل مستؤن مست مدام.

ها واقعي، سچل چواڻي، اهو عشق آهي، جنهن جي ڪري پوري ڪائنات ۾ حسن جلو افروز آهي ۽ اهو حسن ئي آهي، جيڪو شاعريءَ ۾ تخليق جو سبب بڻجي ٿو. جنهن دل ۾ عشق جي لات آهي، تنهنجي ڪهڙي بات آهي، اها دل هميشه لاءِ مستي ۽ موج ۾ مگن رهندي. سچل سائين چوي ٿو:

سهڻي دي شل باغ حسن کون، لڳي نہ باد خزاني،
هو وي شال هميشه تازه، جوبن جوڙ جواني،
سچل دلبر ساڈا آها، سارا رنگ رباني.

سچل سائين سرائڪي شاعريءَ ۾ حسن جي وکاڻ به عجيب انداز ۾ ڪئي آهي. ڪٽي حسن پاڻ آهي ته ڪٽي حسن محبوب آهي، ته وري ڪٽي محبوب لاءِ گولڙي، چولڙي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پولڑي ٽيڻ پسند ڪري ٿو. چوي ٿو؛

ساري راج تيڏي دي، گولڑي گولڑي هوسان،
شالا، اسان تي مهر پووئي.
ايڏي، اوڏي مول نہ ويسان،
پار سهٽا، تيڏي جهولڑي جهولڑي هوسان.
سر پيراندي دي لڳڑي هان مين،
انگ تيڏي دي چولڑي چولڑي هوسان.
لوڌ ڪيتادي دلبر تيڏي دي،
رڇڑا يا وت پولڑي پولڑي هوسان.
روز ازل ڪنون سڻ سچل سائين،
نانءِ تيڏي دي گولڑي گولڑي هوسان.

اهو هُيو سچل سائينءَ جو پيار، جنهن ۾ عقيدت ۽ سچائي هرهڪ مصرع ۾ ظاهر آهي. سچائي، سچل سائينءَ جو سخن آهي. هن حق ۽ سچ جو وڏي واڪي هوڪو ڏنو آهي.

"سچ سچل وچ، سچل سچ وچ."

سچل سمورو سچ آهي، ۽ سچ سچل جو هيو نالو آهي. هو محبوب کي پاڻ ۾ سمايل سمجهي ٿو ۽ پاڻ ئي محبوب بڻجي ٿو ۽ ان خيال جو حامي آهي تہ سڀ ڪجهہ هو پاڻ آهي چوي ٿو؛

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سوئي ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ بٽيجي."

سچ جو اهو نظريو يعني پنهنجو پاڻ کي سيڃاڻڻ، سچل سائين جي شاعريءَ ۾ هرهنڌ ظاهر آهي، اهوئي مرڪز آهي، جنهن جي چوڌاري سچل جي شاعريءَ جي ديوي، پنهنجا مٺا ٻاتا ٻول ٻولينديِ رهي ٿي. جنهن ۾ هن جي روحاني باز جي پرواز جي منزل جو پتو آسانيءَ سان پئجي سگهجي ٿو. سچل سائين، پنهنجي شعر ۾ حسن، دلڪشي، نواڻ ۽ خيالن جي گهرائي ۽ سهڻن، عام فهم لفظن جي چونڊ اهڙي تہ اثرئتي نموني ڪئي آهي، جو ان کي پڙهڻ سان دل تي گهرو اثر ٿئي ٿو. سچل سائين جي شاعري حقيقت جو اهڃاڻ آهي، جنهن ۾ هو پاڻ حق جي ڪرسيءَ تي ويٺل آهي ۽ هرهڪ کي پنهنجا پنهنجا فرائض ياد ڏياري ٿو. چوي ٿو:

حاڪم هووي، عدالت نہ ڃاڻي، اُوندا حاڪم سڏاوڻ ڪيا،
عورت هووي، شرم نہ ڃاڻي، اُوندا عورت سڏاوڻ ڪيا،
انسان هووي انسانيت نہ ڃاڻي، اُوندا انسان سڏاوڻ ڪيا،
شاعر هووي سچ نہ الاوي، اُوندا شاعر سڏاوڻ ڪيا.

اها زنده شاعر جي خوبي هوندي آهي تہ هو وقت ۽ حالتن جو عڪاس هوندو آهي. ۽ اهوئي سبب آهي جو سچل سائينءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعري، هر ڪنهن لاءِ آرسي آهي. هر ٽوپو، هن جي شعر جي بحر ۾ ٽپيون هڻي، پنهنجي مقصد جا موتي حاصل ڪري سگهي ٿو. سچل سائين پنهنجي سرائڪي شاعريءَ ۾ تصوف جي نازڪ ۽ گوڙهن نقطن کي اهڙو ته سليس ۽ سلوڻي انداز ۾ پيش ڪيو آهي، جو انسان جو عقل دنگ رهجي ويجي. هن جي سرائڪي شاعريءَ ۾ ڪافيون، جهولڻا ۽ سـ حرفيون اڇي وڇن ٿيون. جنهن جي مطالعي کان پوءِ اها راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي ته سچل سائين سرائڪي شاعريءَ جو سرواڻ شاعر آهي.

سچل سرمست جو فارسي ڪلام

سندڙ سونهاريءَ اهڙا تمام گهڻ اديب ۽ شاعر پيدا ڪيا آهن، جن جو ڪلام، مروج مڙني ٻولين ۾ ڇپيل هجي ۽ همعصر شاعرن جي سٽا ۾، هن جو مقام تمام مٿاهون هجي. اهڙا شاعر اڳرين تي ڳڻڻ جيترا آهن، جن پنهنجي شعر ۾ حق ۽ سچ جي سنيهي ڪي انهن ماڻهن تائين پهچائڻ لاءِ، انهن جي ٻولين ڪي، اظهار جو ذريعو بڻايو هجي. تن مان سچل سائين، سندڙ جو سرمهرو ۽ مهندار شاعر آهي، جنهن هڪ ئي وقت ۾ سندي، سرائڪي، فارسي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي آهي. سچل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائين، سنڌي ٻوليءَ جو شهنشاهه شاعر ضرور آهي، پر جڏهن هن جي فارسي شاعريءَ جو غور سان مطالعو ڪجي ٿو تہ تحقيق سان اهو چوٽو پوندو تہ سچل سائين فارسي زبان وارن پنهنجي همعصر شاعرن جي صف ۾ سڀ کان اول آهي، جنهن پنهنجي ڪلام ۾ فن ۽ فڪر جا بي بها موتي پيش ڪيا آهن. پنهنجي وحدت الوجود ۽ خود شناسي واري نظريي جي اپٽار اهڙي تہ وٽندڙ، دلچسپ ۽ دلپزير انداز ۾ ڪئي آهي، جو پڙهڻ کان پوءِ روح کي راحت ۽ دل کي فرحت ملي ٿي. سچل سائين، فارسي شاعريءَ ۾ "آشڪار" ۽ "خدائي"، تخلص طور ڪم آندا آهن، جنهن ۾ هو خواجہ فريدالدين عطار کان تمام گهڻو متاثر نظر اچي ٿو، ايتري قدر جو هن پنهنجي فارسي شاعري ۾ "عطار" کي مرشد جو درجو ڏنو آهي. سچل سائين نہ رڳو "عطار" جي عشق مان، منصور حلاج جي نينهن جي نعري مان فيض ياب ٿيو، پر هن واري دليرانہ ۽ رندانہ طريقہ ڪار واري سلسلي کي عام ڪرڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي. پنهنجي روحاني مرشد ۽ تصوف جي شهنشاهه عطار لاءِ سچل سائين هيئن فرمائي ٿو:

"منهنجو يار، لکن مان هڪ آهي، اُهو عارف و عاشق هو ۽
سندس نالو "عطار" آهي. مان پنهنجي سيني جي اندر يار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي خوشبو محسوس ڪريان ٿو، منهنجو روح،
شهنشاهه عطار مان معطر ٿيو آهي."

سچل سائين "عطار" جي عرفان ۽ عشق و محبت جو ذڪر پنهنجي مجموعه ڪلام "ديوان آشڪار" ۾ بار بار ڪيو آهي.

وحدت الوجود جي فڪر کي عام ڪرڻ لاءِ ۽ ان جي باريڪ نڪتن کي سمجهائڻ لاءِ سچل سائين ڪافي دليل ڏنا آهن، جنهن مان هن جي نظريي جي پختگي بابت خبر پوي ٿي. مثنوي (رهبر نامه) ۾ چوي ٿو: "جڏهن چولي درياهه کان ٻاهر اچل ڪاڏي، پوءِ بيابان ڏانهن منهن ڪيائين- سڄو بيابان درياهه جي وهڪري هيٺ اچي ويو، بيابان انجي ڪري سرسبز ٿي ويو- اگر درياهه اهڙي نموني لهرون نه هڻي، ته جيڪر هن سيلاب جو رخ بيابان ڏانهن ڪيئن ٿئي!"

ڏسو سچل سائين، پنهنجي سوچ، پنهنجي نظريي کي ڪهڙي ته سهڻي انداز ۾ بيان ڪيو آهي! انهيءَ ڳالهه تي آماده ڪري ٿو ته وجود حقيقي صرف هڪ آهي، جو الله تعالىٰ آهي، ۽ وڏي آواز سان اڳتي هلي، اناالحق جو نعرو بلند ڪري ٿو. هو چوي ٿو، انهيءَ خدا جي ذات کانسواءِ ٻي ڪنهن به شيءِ کي حقيقي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجود کونهي. هر هنڌ، هر جڳهه انهي ذات بابرڪات جو جلوو نمايان آهي ۽ ڪائنات جي هر شيءِ ۾ خدا جي خدائي وسي ٿي.

سچل سائين پنهنجي انهيءَ خيال کي عام ڪرڻ لاءِ نه صرف خواجه فريدالدين عطار نيشاپوري، منصور حلاج، جامي ۽ رومي جي ڳوڙهن ڪتابن جو وڏي غور سان مطالعو ڪيو، پر قرآن شريف جي آيتن جو به، پنهنجي ڪلام ۾ پنهنجي مطلب کي اجاگر ڪرڻ لاءِ سهارو ورتو آهي. جيئن:

هو الاول هو الآخر، هو الاظاهر هو الا باطن.

معنيٰ:- اهوئي اول، اهوئي آخر آهي، اهوئي ظاهر آهي، اهوئي باطن آهي.

يا

و في انفسم افلاتبصرون.

معنيٰ ۽ توهان ۾ آهي، پر توهان ڏسي نه ٿا سگهو.

انهيءَ ڳالهه مان پتو پوي ٿو ته سچل سائين طريقت ۽ شريعت جو به وڏو مبلغ هو. قرآن پاڪ جي اعليٰ منزلت آفاديت ۽ ان جو شان بيان ڪندي، مثنوي وصلت نامه ۾ فرمائي ٿو:

"هن قرآن پاڪ کي دلي درد سان پڙهه ته روحانيت جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اصلي راز سمجهين- اي مسلمان، هي قرآن پاڪ اهڙو
اٿئي، جنهن جي ذريعي سالڪ يقين حاصل ڪن ٿا-
اي اڻ ڄاڻ، قرآن شريف کان سواءِ ٻيا ڪتاب رڳو گل
وانگر اٿئي-

قرآن پاڪ ڪامل ڪتاب آهي، عام کي ڪهڙي خبر ته رب
سائين ڪهڙا راز فرمايا آهن- مون سيئي تفسير به پڙهيا آهن ۽
انهن جي اصلي مطلب کي به سمجهيو اٿم. عارفن جي چوڻ تي
احڪام قرآن جي تبليغ ڪندر رهان ٿو. قرآن کان سواءِ ٻيا
ڪتاب، افسانا اٿوَ."

سچل سائينءَ جي فارسي ڪلام تي نظر وجهڻ کان پوءِ، ان
ڳاله تي يقين پختو ٿي ويڃي ٿو ته سچل سائين فارسي ٻوليءَ جو
سدا حيات شاعر آهي، منجهس اهي سڀ خوبيون موجود آهن،
جيڪي هڪ عظيم شاعر ۾ هٿڻ گهرجن.

سچل سائينءَ جي شاعري، انسان جي عظمت جي شاعري
آهي، جنهن ۾ هو انسان کي خود فريبيءَ واري نظريي مان
ڪڍي، خود شناسي جو درس ڏئي ٿو. هو انسان کي دل مان
نفرت، ڪروڌ ۽ ڪلفت ڪڍڻ جي تلقين ڪري ٿو. هو بي
باڪي، رندي ۽ مستيءَ ۾ حق ۽ سچ جو هوڪو ڏئي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهوئي سبب آهي جو سچل سائينءَ جو فارسي ڪلام، سندس زندگيءَ جو آئينو ۽ تفسير آهي، جنهن ۾ طريقت ۽ شريعت جو پرپور اظهار ملي ٿو.

سچل سائين، حقيقت جي اونهن نڪتن ۽ باريڪ رازن کي سمجهائڻ لاءِ، ڪيتريون ئي مثنويون لکيون آهن؛ جهڙوڪ: رهبر نامہ، وحدت نامہ، تارنامہ، عشق نامہ، گداز نامہ، وصلت نامہ ۽ انهن کان سواءِ 'ديوان آشڪار' سندس فارسي ڪلام جو مجموعو آهي.

سچل سائين جي اردو شاعري

اهو سچل سرمست جو باڪمال شاعر آهي، جنهن هڪ ئي وقت سنڌي، فارسي، سرائڪي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي آهي. جيئن ته سنڌي، سچل سرمست جي مادري زبان هئي، فارسي، وقت جي حاڪمن ۾ سڀي حيثيت رکندڙ زبان هئي، سرائڪي ميرن جي گهرو زبان هئي- پر آخر سچل سائين کي ڪهڙي ضرورت پئي جو هُن 'اردو ٻوليءَ' ۾ شاعري ڪئي! جڏهن ته ان وقت ۽ ماحول ۾ اردو ايڏان عام به نه هئي. ان جو مختصر جواب هي آهي ته سچل سائين هڪ عالمگير ۽ قادرالڪلام شاعر هو، جنهن وٽ ٻولي، مذهب، دين و ڌرم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رنگ نسل، ذات پات ۽ نندِ وڏائيءَ جو ڪوبہ فرق نہ ھو. ھو سيني لاءِ ھو ۽ ھن لاءِ سيئي ھڪ جھڙا ھئا. ھن جي دور ۾ ھن جا ھمعصر شاعر جھڙوڪ، ثابت علي شاھ، نواب ولي محمد لغاري، مير علي شير قانع ۽ گل محمد فاروقي، اردو ٻوليءَ ۾ طبع آزمائي ڪري رھيا ھئا. جنھن ڪري سچل سائين ضروري سمجھو تہ ان ٻوليءَ کي بہ پنھنجي اظھار جو وسيلو بڻائي، انھن ماڻھن تائين، محبت، اخوت، سچائي ۽ حق جو پيغام پھچائجي. ھين شاعرن جي پيٽ ۾ سچل سرمست جي حيثت انھيءَ ڪري منفرد آھي، جو سچل جي شاعريءَ ۾ عاشقانہ موضوعن ۽ الاھي اسران جي بيان سان گڏ، تصوف جو رنگ نمايان نظر اچي ٿو. سچل سائينءَ جي اردو شاعري ۾ غزل نمايان صنف آھي، جنھن ۾ علامتي انداز بہ ملي ٿو تہ موج ۽ مستي جي رنگ ۾ رچيل حقيقتن جي اپٽار بہ آھي.

اگر اثبات کو سمجھا نہ ھرگز، تو گدا ھوگا،
گداگر تو نھين ھرگز، يقيناً خود خدا ھوگا.
ھو اولاول ھو الاخر، ھو الظاھر ھو الباطن،
يھان پي وہ وھان پي وہ، سچل ڦر تم ڪُجا ھوگا.

۽ سچل سائين جڏھن عشق حقيقي ۾ رنگجي ويي ٿو تہ ھن جي سامھون ڪائنات ۾ ھر ھنڌ، ھر ذري ذري ۾ خدا و سندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظر اچي ٿو، پوءِ حسن ۽ عشق جي منزل مائي ٿو. پيار ۽ پريت جي احساس ۾ گم ٿي ويجي ٿو، چوي ٿو:

ڪانگي ني يہ خبر سنائي يار ميري گھر آويگا،
آويگا ول ۔جاويگا، ڦر تجھ ڪون برھ بچاويگا،
يار عنيور ضرور اول سون عاشق ڪون آزماويگا،
پھلي مک وڪلا ويگا، ڦر سارا ھجر اُڙاويگا،
ڏم ڏم دوست دلاسا ديڪر پيالا سوز پلاويگا،
ڪس دن آپ ڏکاويگا ڦر ڪس دن آپ ڇپاويگا،
سچل مجھ ڪون دلبر اپنا آپ ديدار ڏکاويگا،
جب تب اول آخر ساجن پائون تيري درپاويگا.

اھو آھي سچل سائينءَ جي عشق جو معراج! ڇاڪاڻ جو حسن ۽ عشق ھن کي ايڏو تہ تڙپايو آھي، جو ھن جي روح تائين حسن جي جُلوي جا ڪرٽا لھي آيا آھن چوي ٿو:

جھان ۾ھي ھوگا حسن ڪا حملہ، عاشق کينچ ڪر آئيگا،
دين و دنيا ڇوڙڪي دونون، سارا جيءُ جلائيگا.

سچل سائين جون اھي شاعرانہ خوبيون ھن جي اردو شاعريءَ ۾ جابجا نظر ايندیون، جن کي ڏسڻ کان پوءِ ان ڳالھ سا متفق ٿيئو پوي ٿو تہ، سچل سائين، نہ صرف سنڌي، فارسي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرائڪي زبان جو شاعر آهي ۽ انهن ٻولين تي دسترس رکي ٿو، پر اردو ٻوليءَ تي ٻ وڌو عبور اٿس، جنهن ڪري ڪيس اردو ٻوليءَ جو پنهنجي دور جو قادرالڪلام شاعر چيو ويندو آهي.

سچل سرمست جا طالب ۽ معتقد

سچل سرمست جي روحاني فيض مان، لکن ماڻهن جي من جون مرادون پوريون ٿيندیون هيون ۽ ڪيترن ئي هن جي درس ڪي هينئن سان هنڌائي حق جي راه ورتي. جيڪي پڻ پنهنجي دور جا اَهل الله ۽ درويش ٿي گذريا آهن. جن مان خاص طرح هي مشهور آهن. فقير نانڪ يوسف، فقير محمد صالح قادري لاڙڪاڻي وارو، فقير گهرام جتوئي، حاجي عثمان چاڪي لاڙڪاڻوي، جانو فقير شڪارپوري، فقير غلام حيدر شر بلوچ ۽ فقير شادي خان عرف شادي شهيد. هنن طالبن کي سچل سائينءَ جي صحبت روحانيت جي رنگ ۾ رنگي ڇڏيو، سچل سرمت جو انهن سيني کان گهٽو ۽ گهرو اثر سندس ٻالڪي ۽ معتقد فقير نانڪ يوسف ۽ بيدل تي ٿيو. فقير نانڪ يوسف سچل سرمست جو خاص خدمتگار هو، جنهن ڪري سچل جي خاص مهرباني هن مٿان هئي. اِهوئي سبب هو جو، "نانڪ" جو لقب ٻ ڪيس سچل سرمست ڏنو. فقير نانڪ يوسف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ڪلام ۾ سچل سائين لاءِ نهايت عقيدت جو اظهار ڪيو آهي. ۽ ڪيس مرشد، رهبر، هادي ۽ دوست سڏيو آهي. چوي ٿو:

دوست درازين نانڪ يوسف يار ڏٺو مون ڏولي،
نانڪ يوسف يار سچل جا آهن هٿ متئون،
نانڪ يوسف نينهن نوازي دل درازين دوست درازي،
ديس درازين ديرا جنهن دا، مي پيتم پي در تنهن جا.

فقير قادر بخش بيدل، جنهن جي شاعريءَ تي پڻ سچل سائين جو ڪافي گهرو اثر آهي. هن پڻ پنهنجين ڪافين ۾ ڪافي هنڌن تي، سچل سرمست جي مستي، رندي ۽ بيباڪيءَ کي ساراهيو آهي ۽ عقيدت جو اظهار ڪيو آٿس. بيدل فقير چوي ٿو:

عشق جو يارو درازن ۾ عجب اسرار هو،
مست سالڪ شهه سچل عاشق اتي اظهار هو.

فقير گهرام جتوئي به سچل سائين جي شاگردن ۾ پيارو شاگرد هو. هن جي بيباڪي ۽ حق سچ واري عادت، سچل سائينءَ کي گهڻو وٽندي هئي. هي پنهنجي مرشد سچل سائين جي خدمت ۾ پڻ چگو وقت رهيو، جنهن ڪري هن کي شاعراڻي ذات ملي وئي. فقير گهرام جتوئي چوي ٿو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق نہ حاصل تو کيو، ٽيئن عشق کان آزاد ميان،
ظاهر گهمين ٿو زمين تي، ڪيون سير ۽ سفر سوار ميان،
ڪاغذ ڪارا ڪيئه ڪيترا، بره بنا برباد ميان،
ٽيئي نظارو نينهن جو، وٺ عاشق کان ارشاد ميان.

سچل سرمست جا سوانح نگار ۽ پارکو

هڪ روايت آهي ته سچل سرمست، پنهنجي آخري ڏينهن ۾، پنهنجن متولين، فقيرن ۽ مريدن کي سندس ڪلام آڻڻ لاءِ چيو. جڏهن فقيرن ۽ طالبن کيس پنهنجو ڪلام ڏيکاريو ته پاڻ جوش ۾ اچي ويا ۽ فرمايائون:

"انهيءَ سموري ڪلام مان هي حصو ڪڍي ساڙي ڇڏيو، جو ڪم عقل ماڻهو ڪٽي پلجي نہ ويڻ!" پر تنهن هوندي بہ اِهو چيو ويو ٿو ته سچل سائين جو باقي بچيل ڪلام، نولک، ڇٽيه هزار، ڇه سو ڇه بيٽ تي مشتمل آهي، جيڪو سنڌي، سرائڪي، فارسي ۽ اردو ٻولي ۾ ڇپيل آهي.

سڀ کان پهريون، سچل سائين جي فارسي ڪلام جو ڪتاب 'ديوان آشڪارا' نالي مير رستم خان ڇپايو هو، جيڪو ڪنهن زماني ۾ سنڌ جو حاڪم هو. سنڌي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرائڪي ۽ اردو ڪلام سڀ کان پهرين، مرزا علي قلي، بيگ گڏ ڪري، ڪتابي صورت ۾ "رسالو سچل سائين" جي نالي چپايو. هن رسالي جا ٻه ياڳا آهن، پهرين ياڳي ۾ ۱۳۴۰ ڪافيون ۽ ٻئي ياڳي ۾ سي حرفيون، بيت ۽ وحدت نامون شامل آهن.

ماستر درمحمد، ماستر هيمراج ۽ ٻين دوستن، سچل سائين جي ڪلام کي سهيڑي، "داستان وڏو رسالو سچل سائين" جي نالي سان ع۱۹۱۰ ۾ شڪارپور کان پڌرو ڪيو. هن رسالي ۾ ۷۲۷ سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون، ٻہ ٽيه اکريون سنڌي ۽ پنج ٽيه اکريون سرائڪي پڻ موجود آهن.

آغا غلام نبي صوفي شڪارپور جو رهاڪو هو، جنهن وقت جي ڊپٽي ڪليڪٽر فقير وليداس جي امداد سان سچل سائينءَ جي ڪلام جو سڀ ڪموني ايياس ڪري، ڏکين لفظن جي معنيٰ ڪڍي، "سچل سرمست" جي عنوان هيٺ ڪتاب چپرايو. هن ڪتاب ۾ راڳ تي ٻہ ڪافي بحث ڪيل آهي. هن رسالي ۾ ۳۹ سنڌي، ۹ سرائڪي، ۴ اردو ڪافيون ۽ ۶ فارسي غزل آهن.

جيئن ته اسان کي خبر آهي، سچل سائين جي شاعري هر انسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ آهي ۽ هر مذهب ۽ متي وارو ماٹهو سچل سرمست جو معتقد آهي. هڪ هندو عورت ٺاٹو فقير جا درگاهه جي معتقدن مان هئي، تنهن هندستان مان "سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام" جي عنوان هيٺ، ڪتاب ڇپرائي ۱۹۵۲ع ۾ پڌرو ڪيو. هن رسالي ۾ ۷۰۰ سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون، ۵ سي حرفيون ۽ ۱۸۴ چوندڙ بيت ڏنا ويا آهن. هن رسالي جي اها وڏي خوبي آهي، جو شعرن جي چوندڙ، اڳ وارن رسالن جي پيٺ ۾ تمام ٿوري آهي. تصوف، جيڪو سچل سائين جو مڪتبہ فڪر آهي، تنهن تي ڪافي چنڊ چاڻ ڪري، مصنف هڪ ضخيم مقالو تيار ڪيو آهي، جيڪو ڪتاب جي منڊ ۾ ڏنو ويو آهي.

عثمان علي انصاري صاحب، سچل سائين جي، سنڌي شعر کي گڏ ڪري، "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" جي نالي سان ترتيب ڏنو، جنهن کي پهريون پيرو سنڌي ادبي بورڊ ڇپرايو. هن ۾ انصاري صاحب، سچل سائين ۽ ٻين عالمن جي صوفيانہ خيالن کي ڏاڍي سٺي نموني، نهايت عالمانہ ۽ محققانہ انداز ۾ بيان ڪيو آهي. رشيد احمد لاشاري به سچل سرمست جي ڪلام کي سهيڑي، "سچل جو رسالو" جي عنوان هيٺ مرتب ڪيو، جنهن ۾ سنڌي ۽ سرائڪي شاعريءَ کي گڏ ڪيو ويو آهي.

سچل سائينءَ جي سرائڪي ڪلام کي، جيڪا اهميت ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

افاديت حاصل آهي، سا ڪنهن کان بہ ڳجهي ناهي. سچل سائين جي سرائڪي شاعري جي ڇاپ هن کان پوءِ وارن سرائڪي شاعرن تي صاف نظر اچي ٿي. جيئن خواجہ فريد سچل سائين کان ڪافي متاثرٿيل نظرايندو اچي ٿو. سچل سرمست جي سرائڪي ڪلام کي سوڌي سنواري، هڪ هنڌ سهيڑي، "سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام" جي عنوان هيٺ، مولانا حڪيم محمد صادق راڻيپوريءَ مرتب ڪيو آهي، جنهن ۾ سچل سائينءَ جو سرائڪي ڪلام، گهڻو معياري ۽ مايہ دار نظر اچي ٿو. ان کان علاوه مرتب، سچل سرمست جي حياتيءَ تي بہ هڪ جامع نظر بہ وڌي آهي، جيڪا پڻ ڪنهن حد تائين حقيقت جي بنيادن تي مشتمل آهي.

قاضي علي اڪبر درازي سچل سائينءَ جو سچو عاشق هو، جنهن پنهنجي سموري زندگي، سچل جي پيغام کي ماڻهن تائين پهچائڻ ۾ صرف ڪري ڇڏي. جن بہ سچل سائينءَ تي لکيو آهي، تن سيني کان قاضي علي اڪبر درازي گهڻو لکيو آهي، جنهن سچل سائينءَ جي حياتي، شاعري ۽ طالبن تي جدا جدا ڪتاب جوڙيا آهن. هن سچل سائين جي فارسي ڪلام جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري، عقيدت جو ڪليو ثبوت ڏنو آهي. ان کان علاوه جينمل پرسرام گلراجاڻي، لالچند امر ڏنومل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڳتياڻي جي ڪاوش کي به نٽو وساري سگهجي. جن جي قلم مان سچل سائينءَ تي بهترين ڪتاب نڪتا آهن. ڪليانڻ آڏواڻي، اسماعيل خواجه ۽ ڊاڪٽر عطامحمد حامي به نهايت قابل ذڪر اديب آهن، جن سچل جي ڪلام کي اجاريو آهي. ڊاڪٽر عطامحمد حامي به سچل جي شاعريءَ تي هين جي پيٽ ۾ تمام گهٽو لکيو آهي، جنهن جي سموري لکيل مواد کي، سنڌ جي ادبين کافي پسند ڪيو آهي. هن جي مرتب ڪيل ڪتاب "منصورثاني سچل سرمست" جنهن ۾ سچل سائين جي حياتي ۽ فن تي مختلف عالمن جا معياري مضمون ۽ تحقيقي مقالا ڏنل آهن، جنهن کي سنڌي ادب جي شيلف ۾ خاص جڳهه ڏنل آهي.

سنڌ ڏرتيءَ جو ميحل محقق ۽ ڄاڻو ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، سنڌي لغت جي صنف جو يگانو شهسوار آهي، جنهن لوڪ ادب ۽ لغت تي ساراه جوڳو ڪم ڪيو آهي، تنهن پٽ لڳاتار ڇٽن سالن جي مسلسل ڪوشش سان، سچل سرمست جي شعر تي "سچل لغات" جوڙي، جيڪا سچل سرمست يادگار ڪميٽي خيرپور پاران ڇپرائي پڌرو ڪئي وئي. سچل لغات جي ڪوٺ کي پورو ڪري ڊاڪٽر صاحب هڪ اهم ۽ وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڈاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، سچل سرمست تي هڪ نهايت ضخيم ڪتاب "سچل جو سنيهو" لکيو آهي. جنهن کي سنڌي ادبي بورڊ ڇپرايو آهي، جنهن ۾ سچل سرمست جي زندگي، تاريخي پس منظر، عملي ۽ ادبي ماحول ۽ سچل سرمست جي تصنيفن کي سٽي ۽ شانائتي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

ڪريم بخش خالد، پنهنجن مختلف هنڌن تي ڇپيل اٺويهين مضمونن کي يڪجا ڪري "سچل سائينءَ" جي عنوان هيٺ پڙ ڪتاب ڇپايو آهي.

ان کان علاوه ڪجه اديين سچل سرمست تي مضمون ۽ مقالا لکيا آهن. جن جون ڪوششون ساراهه لائق آهن، تن مان محمد ابراهيم جويو، ڈاڪٽر غلام علي الانا، ڈاڪٽر ايار قادري، شيخ ايار، ڈاڪٽر نواز علي شوق، رشيد پٽي، ڈاڪٽر تنوير عباسي، ملڪ نديم، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، محمد علي حداد، ڈاڪٽر ابراهيم خليل، ڈاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو، ڈاڪٽر غلام نبي سڌايو، ڈاڪٽر الهداد ٻوهيو، محسن 'چنہ' ڈاڪٽر شاهنواز سومرو ۽ خادم حسين عباسي قابل ذڪر آهن. سندن تحقيقي مقالن ۾ سچل سرمست جي شاعري، فن ۽ فڪر مختلف پهلوئن کي ظاهر ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچل سائين جي ڪلام، فڪر ۽ پيغام کي وڌيڪ اجاگر ڪرڻ لاءِ شاھ لطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ قائم ڪيل "سچل چئر" ۽ سنڌ ثقافت کاتي طرفان قائم ڪيل "سچل اڪيڊمي" نهايت تحقيقي ڪم ڪري رهيون آهن.

سچل سرمست جو لاڏاڻو

سچل سائين هميشه توانو ۽ تندرست رهندو هو. زندگيءَ ۾ اگر ڪڏهن بيمار ٿيندو هو ته دوا سان گڏ روح جي غذا يعني راڳ ضرور ٻڌندو آهو. پوءِ ستت ئي خوش ٿي ويندو هو. روايت آهي ته هڪ پيري سچل سائين سخت بيمار ٿي پيو. هن جي بيماريءَ جي خبر باھ وانگر سڄي سنڌ ۾ پکيڙجي وئي. جيوٽي ٻائي، لاڙڪاڻي جي هڪ ڳائڻي هئي، جا سندس ڏاڍي معتقد هوندي هئي، تنهن کي جڏهن اها خبر پئي ته سچل سائين بستري تي بيمار پيو آهي، سا رهي نه سگهي ۽ ستت ئي سچل سائين وٽ حاضر ٿي. سچل سائين کيس ڏسي چيو، "بسم الله، اسان جا طبيب، اسان جا حڪيم آيا." پوءِ جلدئي صحتياب ٿي ويو.

دنيا جي هن عظيم انسان ۽ سنڌ جي تهذيب، تاريخ ۽ تمدن جي رکوالي شاعر جي وفات سن ۱۲۴۲هجري مطابق ۱۸۲۷ع ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽي. پاڻ درازن ۾ مدفون آهن، جت هر سال ۱۴ رمضان المبارڪ تي عظيم الشان ميلو ۽ ادبي ميڙ ٿيندو آهي، جنهن ۾ هند ۽ سنڌ کان علاوه ٻاهرين ملڪن مان آيل اديب، شاعر، دانشور، مريد، معتقد، سچل سائين جي فڪر ۽ فن تي، مقالا ۽ مضمون پڙهندا آهن. ان سان گڏ موسيقيءَ جي محفل پڻ مچندي آهي، جنهن ۾ ڪلاڪار ۽ فنڪار، پنهنجي سريلي آواز ۾ سچل سائين جو ڪلام پيش ڪندا آهن.

اديبن، شاعرن ۽ فنڪارن کي پنهنجي پنهنجي فن ۾، بهترين ڪم سر انجام ڏيڻ تي، سچل سرمست اڪيڈمي پاران ايوارڊ ڏنا ويندا آهن. ۽ اهڙي نموني هر سال انهن ئي تاريخن تي، سنڌ جي صوفي شاعر، ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سرواڻ شاعر سچل سرمست کي خراج عقيدت پيش ڪيو ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جا سپوت

١. شاھ عبداللطيف ڀٽائي
٢. سچل سرمست
٣. شاھ عنايت شھيد
۴. مرزا قليچ بيگ
۵. جنرل هوش محمد شيدي
٦. دولھ دريا خان
٧. مخدوم بلاول
٨. حيدر بخش جتوئي
٩. مولانا عبيدالله سنڌي
١٠. دين محمد وفائي
١١. علامہ آءِ- آءِ- قاضي
١٢. قائد اعظم محمد علي جناح
١٣. علامہ عمر بن محمد دائود پوٽو
١۴. پير حسام الدين شاھ راشدي
١۵. ذوالفقار علي ڀٽو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڑهندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ "لُڙهندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ جٽيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، پاڙي، ڪائُو، پاڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "پڑهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڑھندڙ نَسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن کو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ جاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن کو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ جاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وطن جا پَـنَ ساوا، گاڙهو، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڑھندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ہيں لفظن ۾ پَـنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَڙِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَڻُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَـنَـن پاران ڪتابن کي ڊِجِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان کو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن کو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَـنَـن سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَئن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي تي ته هو وَسَ پتاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڇاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نه مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڇاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. ايياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہ ِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي تي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهه نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہ ِ جڻ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،

جيڪي به ڪٽين، جيڪي به ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ به بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياکِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ ايار (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي پوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پٽ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو ته تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي پوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي پوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ نايابورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آساني سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو سات نيائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book